سنڌي ترجمو

صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم

# آقا جو مهينو

## شَعبَانُ المُعَظَّم جا فضائل

## ۽ قبرستان جا 11 مدني گُل




شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه

مدني چينل
ڏسندا رهو


مكتبة المدينه
(دعوتِ اسلامي)

# فهرست


| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| عاشق دُرود وسلام جو مقام ۽ مرتبو | 1 | محروم ماڻھو | 11 |
| آقا جو مھينو | 2 | امامِ اھلسنت جو پيغام | 13 |
| شعبان جي پنج اکرن جون بھارون | 2 | پندرھين شعبان جو روزو | 14 |
| صحابہ کرام جو جذبو | 3 | فائدي جي ڳالھ | 15 |
| موجوده مسلمانن جو جذبو | 4 | سبز پرچو | 15 |
| نفلي روزن جو پسنديده مھينو | 4 | مغرب کان پوءِ ڇھ نفل | 16 |
| ماڻھو ھن کان غافل آھن | 5 | دُعاءِ نصف شَعبَانُ المُعَظّم | 17 |
| مرڻ وارن جي فھرست ٺھڻ جو مھينو | 5 | سگِ مدينہ جون التجائون | 20 |
| آقا شعبان جا اکثر روزا رکندا ھئا | 6 | سڄي سال جادوءَ کان حفاظت | 20 |
| حديث پاڪ جي شرح | 6 | شبِ براءَت ۾ قبرن جي زيارت | 21 |
| دعوت اسلامي ۾ روزن جون بھارون | 7 | آتش بازي جو ايجاد ڪندڙ ڪير؟ | 22 |
| شعبان جا اکثر روزا رکڻ سنت آھي | 8 | شب براءَت جو آتش بازي حرام | 22 |
| پلائين واريون راتيون | 8 | آتش بازي جون جائز صورتون | 23 |
| نازڪ فيصلا | 9 | شب براءَت جو اجتماع اصلاح جو سبب ٿيو | 24 |
| گناھگارن جي مغفرت ٿيندي، پر.... | 9 | فلمن جو خوار | 26 |
| حضرتِ سيدنا داؤد جي دعا | 10 | قبرستان جي حاضري جا 11 مدني گل | 28 |


## مجلسِ تراجِم

ھن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آھر ڪوشش ڪئي آھي. جيڪڏھن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ مجلسِ تراجِم کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ: مکتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

فون نمبر: 021_34921389_90_91
E-mail: majlistarajim@dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۙ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ؕ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# آقا جو مھينو صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## عاشق دُرود و سلام جو مقام ۽ مرتبو

حضرتِ سيّدُنا شيخ ابو بڪر شِبۡلي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَلِي هڪ ڏينهن بغداد شريف جي وڏي عالم حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر مُجاهد عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَاحِد وٽ تشريف کڻي ويا، انهن فوراً اُٿي ٻيهي کين ڀاڪر پاتو ۽ پيشاني کي چمي ڪري وڏي تعظيم سان پنهنجي پرسان ويهاريائون . حاضرين حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر مجاهد عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَاحِد کي عرض ڪيو: ياسيّدي! توهان ۽ بغداد وارا اڄ تائين کين ديوانو چوندا رهيا آهيو پر اڄ سندن جي ايتري تعظيم ڇو؟ حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر مجاهد عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَاحِد جواب ڏنو: مون پاڻ ائين ناهي ڪيو، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ رات مون خواب ۾ هي ايمان اَفروز مَنظر ڏٺو تہ حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر شِبۡلي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَلِي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا تہ حضور اڪرم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُٿي ٻيهي کين سيني سان لاتو ۽ پيشاني کي چمي ڪري پنهنجي پرسان ويهاريو، مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! شِبلي تي ايتري شَفقت جو سبب؟ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوۡب، مُنَزَّهٌ عَنِ الۡعُيُوۡب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1) هي بيان امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه تبليغ قران ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ ۾ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع (25 رجب المرجب 1431 ھ/ 10 ـ 07 ـ 08) ۾ فرمايو، ترميم ۽ اضافي سان لکت ۾ حاضر خدمت آهي. مجلس مڪتبة المدينہ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

(غيب جي خبر ڏيندي) فرمايو ته هي هر نماز ڪان پوءِ اها آيت پڙهندو آهي: لَقَدۡ جَآءَكُمۡ رَسُوۡلٌ مِّنۡ اَنۡفُسِكُمۡ عَزِيۡزٌ عَلَيۡهِ مَا عَنِتُّمۡ حَرِيۡصٌ عَلَيۡكُمۡ بِالۡمُؤۡمِنِيۡنَ رَءُوۡفٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۱۲۸﴾ (پ 11 سورة التوبہ آيت 128) ۽ ان ڪان پوءِ مون تي درود پڙهندو آهي . (القول البديع ص 346 مؤسسة الريان بيروت)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مهينو

رسولِ اڪرم، نورِ مُجسَّم، شاهِ بني آدم، شافِعِ اُمَم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شَعۡبَانُ الۡمُعَظَّم جي باري ۾ فرمانِ مُڪَرّم آهي: **”شَعبان منهنجو مهينو آهي ۽ رمضان الله عَزَّوَجَلَّ جو مهينو آهي.“**
(الجامع الصغير للسيوطي ص 301 حديث 4889 دارالكتب العلميه بيروت)

# شَعبان جي پنج اکرن جون بهارون

سُبۡحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! شَعۡبَانُ الۡمُعَظَّم جي عظمتن تي قربان! هن جي فضيلت جي لاءِ ايترو ڪافي آهي جو اسان جا مٺا مٺا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن کي ”منهنجو مهينو“ فرمايو، سيّدُنا غوثِ اعظم، محبوبِ سُبۡحَاني، قِنديلِ نوراني، شيخ عبدالقادر جيلاني حَنبلي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَلِی لفظ ”شَعۡبان“ جي پنج اکرن: ش ، ع ، ب ، ا، ن جي باري ۾ نقل فرمائن ٿا: ”ش، مان مراد شرف يعني بُزُرگي، ع مان مراد عُلُوّ يعني بلندي، ب مان مراد بِرّ يعني ڀلائي ۽ احسان، ا مان مراد اُلفت ۽ ن مان مراد نور آهي، ۽ اهي سڀئي شيون الله تعالىٰ پنهنجي ٻانهن کي هن

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏھ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

مهيني ۾ عطا فرمائيندو آهي، هي اهو مهينو آهي جنهن ۾ نيڪين جا دروازا کوليا ويندا آهن، برڪتون نازل ٿينديون آهن، خطائون مٽايون وينديون آهن ۽ گناهن جو ڪفارو ادا ڪيو ويندو آهي ۽ خيرالبَرِيّہ، سَيّدُ الوریٰ، جنابِ محمدِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪئي ويندي آهي ۽ هي نبي مُختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪلڻ جو مهينو آهي .

(غنية الطالبين ج 1 ص 341، 342 دارالكتب العلميه بيروت)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو جذبو

حضرتِ سَيّدُنا اَنس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: ”شعبان جو چنڊ نظر ايندي ئي صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان قرآن پاڪ جي تلاوت ۾ مشغول ٿي ويندا هئا، پنهنجي مال جي زڪوٰة ڪڍندا هئا تہ جيئن ڪمزور ۽ مسڪين ماڻهو رمضان جي روزن لاءِ تياري ڪري سگهن، حڪمران قيدين کي گهرائي جنهن تي ”حد“ (سزا) قائم ڪرڻي هوندي هئي ان تي حد قائم ڪندا هئا، باقي ٻين کي آزاد ڪري ڇڏيندا هئا، واپاري پنهنجا قرض ادا ڪري ڇڏيندا هئا، ٻين کان پنهنجا قرض وٺي ڇڏيندا هئا، (ائين رمضان المبارڪ جي مهيني جو چنڊ نظر اچڻ کان اڳ ئي پنهنجو پاڻ کي فارغ ڪري ڇڏيندا هئا) ۽ رمضان شريف جو چنڊ نظر ايندي ئي غسل ڪري (ڪجھ ماڻهو) اِعتِڪاف ۾ ويهي رهندا هئا .

(غنية الطالبين ج 1 ص 341)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏِينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

## موجوده مسلمانن جو جذبو

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ ! اڳي جي مسلمانن ڪي عبادت جو ڪيڏو ذوق هوندو هو، پر افسوس! اڄڪلهه جي مسلمانن کي سڀ کان وڌيڪ مال ڪمائڻ جو شوق آهي . اڳي جا مدني سوچ رکندڙ مسلمان ڀلارن ڏينهن ۾ ربُّ الاَنام عَزَّوَجَلَّ جي گهڻي کان گهڻي عبادت ڪري ان جو قُرب حاصل ڪرڻ جون ڪوششون ڪندا هئا، ۽ اڄڪلهه جا مسلمان ڀلارن ڏينهن، خاص ڪري رمضان شريف جي مهيني ۾ دنيا جي ذليل دولت ڪمائڻ جون نيون نيون ترڪيبون سوچيندا آهن. الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهن تي مهربان ٿي ڪري نيڪين جو اَجر ۽ ثواب تمام گهڻو وڌائي ڇڏيندو آهي، پر بدنصيب ماڻهو رَمَضانُ الْمُبَارَڪ ۾ پنهنجي شين جو اگهه وڌائي پنهنجن ئي مسلمان ڀائرن کي لُٽيندا آهن . صد ڪروڙ افسوس! مسلمانن جي خير خواهي جو جذبو ختم ٿيندي نظر اچي پيو!

اے خاصہء خاصانِ رُسُل وقتِ دُعا ہے  اُمت پہ تِری آکے عَجَب وَقْت پڑا ہے

جو دین بڑی شان سے نکلا تھا وطن سے  پردیس میں وہ آج غریبُ الغُربا ہے

فَریاد ہے اے کِشتی اُمّت کے نگہبان

بیڑا یہ تباہی کے قریب آن لگا ہے

## نفلي روزن جو پسنديده مهينو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي دلين جا چين، سَروَرِ ڪونين

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلَّم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم شَعبان جي مهيني ۾ ڪثرت سان روزا رکڻ پسند فرمائيندا هئا. حضرتِ سيِّدُنا عبدالله بن ابي قَيس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته پاڻ اُمُّ الْمُؤمِنِين سيِّدَتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہا کي فرمائيندي ٻُڌو: منهنجي سرتاج، صاحبِ مِعراج صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پسنديده مهينو شَعْبَانُ الْمُعَظّم هو جو ان ۾ روزا رکندا هئا پوءِ ان کي رَمَضانُ الْمُبَارڪ سان ملائي ڇڏيندا هئا.

(ابو داؤد ج 2 ص 476 رقم الحديث 2431 داراحياء التراث العربي بيروت)

## ماڻهو هن کان غافل آهن

حضرتِ سيِّدُنا اُسامه بن زيد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان ڏسان ٿو ته جهڙي طرح توهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم شعبان ۾ روزا رکندا آهيو اهڙي طرح ڪنهن ٻه مهيني ۾ نه رکندا آهيو. فرمايائون: ”رجب ۽ رمضان جي وچ ۾ هي مهينو آهي، ماڻهو هن کان غافل آهن، هن ۾ ماڻهن جا عمل الله ربُّ العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جي طرف کنيا ويندا آهن ۽ مون کي هي پسند آهي ته منهنجو عمل هن حال ۾ کنيو وڃي جو مان روزيدار هجان.“

(نسائي ج 4 ص 387 حديث 2354 دارالڪتب العلميه بيروت)

## مرڻ وارن جي فهرست ٺهڻ جو مهينو

حضرتِ سَيِّدَتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہا فرمائن ٿيون: ”تاجدار رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پوري شَعبان جا روزا رکندا هئا،

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم :جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

(پوءِ) فرمائن ٿيون تہ مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! ”ڇا سڀني مهينن ۾ توهان وٽ وڌيڪ پسنديده شَعبان جا روزا رکڻ آهي؟ تہ محبوبِ ربُّ الْعِباد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ هن سال مرڻ واري هر ساهہ واري کي لکي ڇڏيندو آهي ۽ مون کي هي پسند آهي تہ منهنجو آخري وقت اچي ۽ آءُ روزيدار هجان.“ (مسند ابو يعلیٰ ج 4 ص 277 حديث 4890 دارالڪتب العلمية بيروت)

## آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شَعبان جا اڪثر روزا رکندا هئا

بخاري شريف ۾ آهي: حضرتِ سيّدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شَعبان کان وڌيڪ ڪنهن مهيني ۾ روزا نہ رکندا هئا، بلڪ پوري شعبان ئي جا روزا رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: پنهنجي اِسۡتِطاعَت مطابق عمل ڪريو جو الله عَزَّوَجَلَّ ان وقت تائين پنهنجو فضل ناهي روڪيندو جيستائين توهان تنگ نہ ٿيو.

(صحيح بخاري ج 1 ص 648 حديث 1970 دارالڪتب العلمية بيروت)

## حديث پاڪ جي شرح

شارِحِ بُخاري حضرت علامہ مفتي شريف الحق امجدي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی هن حديث پاڪ تحت لکن ٿا: مراد هي تہ شَعبان جي اڪثر ڏينهن جا روزو رکندا هئا، انهيءَ کي تَغلِيباً (غلبي ۽ زيادت جي لحاظ کان) ڪُل سان تَعبِير ڪيو آهي (يعني سڄي مهيني روزا رکڻ مراد ورتي وئي آهي) جيئن چوندا آهن: ”فلان سڄي رات

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

عبادت ڪئي.“ جڏهن ته هن رات جو ماني به کاڌي هوندي ۽ ضروري حاجتن کان به فراغت حاصل ڪئي هوندي، هتي تَغلِيباً اڪثر کي ڪُل چيو ويندو آهي، وڌيڪ فرمائن ٿا: هن حديث مان خبر پئي ته شَعبان ۾ جنهن ۾ طاقت هجي اهو وڌ کان وڌ روزا رکي، البت جيڪو ڪمزور هجي اهو روزا نه رکي ڇوته هن سان رمضان جي روزن تي اثر پوندو آهي، اها ئي مراد آهي انهن حديثن جو جنهن ۾ فرمايو ويو آهي ته نصف شعبان کان پوءِ روزا نه رکو. (ترمذي حديث 738)

(نزهة القاري ج 3 ص 377، 380 فريد بڪ اسٽال مرڪز الاولياء لاهور)

## دعوت اسلامي ۾ روزن جون بهارون

**دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل 1432 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**فيضان سنت**“ صفحي 1277 تي آهي: **حُجَّةُ الْاِسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي** عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ الوَالِي فرمائن ٿا: ذڪر ڪيل حديثِ پاڪ ۾ پوري ماهِ **شَعْبَانُ الْمُعَظّم** جي روزن مان مراد اڪثر **شَعْبَانُ الْمُعَظّم** جا روزا آهن. (مڪاشفة القلوب ص 303) جيڪڏهن ڪو پوري **شَعْبَانُ الْمُعَظّم** جا روزا رکڻ چاهي ته ان کي منع به ناهي. اَلْحَمْدُللهِ عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن ۾ **رَجَبُ الْمُرَجَّب** ۽ **شَعْبَانُ الْمُعَظّم** ٻنهي مهينن ۾ روزا رکڻ جي ترڪيب هوندي آهي ۽

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

مسلسل روزا رکندي اهي حضرات رَمضانُ المُبَارڪ سان ملي ويندا آهن.

## شَعبان جا اڪثر روزا رکڻ سنت آهي

اُمُّ المُؤمِنِين حضرتِ سيّدَتُنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا روايت فرمائن ٿيون: حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشم، شافعِ اُمَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي مون شعبان کان وڌيڪ ڪنهن مهيني ۾ روزا رکندي نه ڏٺو، پاڻ سواءِ ڪجهه ڏينهن جي پوري ئي مهيني جا روزا رکندا هئا.

(سنن ترمذي ج 2 ص 182 حديث 736 دارالفکر بيروت)

تِری سنّتوں پہ چل کر مِری روح جب نکل کر
چلے تم گلے لگانا مدَنی مدینے والے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڀلائين واريون راتيون

اُمُّ المُؤمِنِين حضرتِ سَيّدَتُنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا فرمائن ٿيون: مون نبي ڪريم، رؤُف رَّحيم عَلَيۡهِ اَفۡضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسۡلِيۡم کي فرمائيندي ٻُڌو الله عَزَّوَجَلَّ (خاص طور تي) چار راتين ۾ ڀلائين جا دروازا کولي ڇڏيندو آهي: (1) قرباني واري عيد جي رات (2) عيدالفطر جي رات (3) شعبان جي پندرهين رات جو ان رات ۾ مرڻ وارن جا نالا ۽ ماڻهن جو رِزق ۽ (ان سال) حج ڪرڻ وارن جا نالا لکيا ويندا آهن (4) عَرَفه (يعني 8 ۽ 9 ذُوالحجّه جي وچين) رات اَذانِ (فجر) تائين.

(الدر المنثور ج 7 ص 402 دار الفکر بيروت)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالیٰ عليه واٰلهٖ وسلَّم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

## نازڪ فيصلا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پندرهين شَعْبَانُ الْمُعَظَّم جي رات ڪيڏي نازڪ آهي، خبر ناهي تہ ڪنهن جي قسمت ۾ ڇا لکيو وڃي! آهہ! ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو لاپرواهيءَ ۾ ڦيل رهجي ويندو آهي ۽ ان جي باري ۾ ڪجھ جو ڪجھ ٿي چڪو هوندو آهي، ”غُنْيَةُ الطَّالِبِين“ ۾ آهي: ”ڪيترائي ڪفن ڌوپجي تيار رکيل هوندا آهن پر ڪفن پائڻ وارا بازارن ۾ گهمي ڦري رهيا هوندا آهن ڪيترائي ماڻهو اهڙا هوندا آهن جو انهن جون قبرون کوٽيل تيار هونديون آهن، پر انهن ۾ دفن ٿيڻ وارا خوشين ۾ مست هوندا آهن حالانڪ انهن جي موت جو وقت ويجهو اچي چڪو هوندو آهي، ڪيترن جي گهرن جي تعمير جو ڪم مڪمل ٿيڻ وارو هوندو آهي پر گهر جي مالڪ جي موت جو وقت بہ ويجهو اچي چڪو هوندو آهي.“ (غنية الطالبين ج 1 ص 348)

آگاہ اپنی موت سے کوئی بشر نہیں
سامان سو برس کا ہے پَل کی خبر نہیں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪئي گناهگارن جي مغفرت ٿيندي آهي پر....

حضرتِ سَيِّدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان روايت آهي حضور سراپا نور، فيض گنجور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”مون وٽ جبريل عَلَيْهِ السَّلام آيو ۽ چيائين: هي شعبان جي پندرهين رات

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

آهي هن ۾ الله تعاليٰ جهنّم کان ايترن کي آزاد فرمائيندو آهي جيترا بني ڪلب جي ٻڪرين جا وار آهن پر ڪافر ۽ عداوت رکڻ واري ۽ رشتو ٽوڙڻ واري ۽ ڪپڙو لٽڪائڻ واري ۽ پيءُ ماءُ جي نافرماني ڪرڻ واري ۽ شراب جي عادي ڏانهن نظر ناهي فرمائيندو.“ (شعب الايمان ج 3 ص 384 حديث 3837 دارالکتب العلمية بيروت)

(حديث پاڪ ۾ ”ڪپڙو لٽڪائڻ واري“ جو جيڪو بيان آهي هن مان مراد اهي ماڻهو آهن جيڪي تڪبُّر سبب پيڏين کان هيٺ تهبند يا پاجامو وغيره لٽڪائن ٿا) ڪروڙين حَنبلين جي عظيم پيشوا حضرتِ سَيّدُنا امام احمد بن حنبل رضی اللہ تعالیٰ عنہ حضرتِ سَيّدُنا عبدالله ابنِ عَمرو رضی اللہ تعالیٰ عنہما کان جيڪا روايت نقل ڪئي ان ۾ قاتل جو به ذڪر آهي . (مسند امام احمد ج 2 ص 589 حديث 6653 دارالکتب العلمية بيروت)

حضرتِ سيّدُنا ڪثير بن مُرّه رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي، تاجدارِ رسالت، سراپا رحمت، محبوبِ ربُّ العزّت صلّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلّم جن ارشاد فرمايو: ”الله عزّوجلّ شَعبان جي پندرهين رات ۾ سڀني زمين وارن کي بخشي ڇڏيندو آهي سواءِ مشرڪ ۽ عداوت واري جي .“

(شعب الايمان ج 3 ص 381 حديث 3830 دارالکتب العلمية بيروت)

## حضرتِ سيدنا داؤد عليه السّلام جي دعا

اَميرُ الْمُؤمِنِين حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ المرتضيٰ شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجهَهُ الكَرِيم شَعْبانُ المُعَظّم جي پندرهين رات اڪثر ٻاهر

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

تشريف ڪٽي ايندا هئا. هڪ ڀيري اهڙيءَ طرح شبِ براءَت ۾ ٻاهر تشريف ڪٽي آيا ۽ آسمان ڏانهن نظر ڪٽي ڪري فرمايائون: هڪ ڀيري الله عَزَّوَجَلَّ جي نبي حضرتِ سيّدنا داؤد عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام آسمان ڏانهن نظر ڪئي ۽ فرمايائون: هي اهو وقت آهي جو ان وقت ۾ جنهن شخص الله عَزَّوَجَلَّ کان جيڪا دعا گهري الله عَزَّوَجَلَّ ان جي دعا قبول فرمائي ۽ جنهن مغفرت طلب ڪئي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏي پر شرط اهو آهي ته دعا گهرڻ وارو عُشّار (يعني ظُلماً ٽيڪس وٺڻ وارو) جادوگر، ڪاهِن، باجا وڄائڻ وارو نه هجي، پوءِ هي دعا ڪئي:

اَللّٰھُمَّ رَبَّ دَاوٗدَ اغْفِرْ لِمَنْ دَعَاكَ فِيْ ھٰذِهِ اللَّيْلَةِ اَوِ اسْتَغْفَرَكَ فِيْهَا

يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! اي داود (عليه السّلام) جا پروردگار عَزَّوَجَلَّ جيڪو هن رات ۾ تو کان دعا گهري يا مغفرت طلب ڪري تون ان کي بخشي ڇڏ."

(لطائف المعارف لابن رجب الحنبلي ج 1 ص 137 باختصار دارابن حزم بيروت)

ہر خطا تُو درگزر کر بیکس و مجبور کی
یا الٰہی ! مغفِرت کر بیکس و مجبور کی

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## محروم ماڻهو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شبِ براءَت تمام اهم رات آهي ڪنهن به صورت ۾ انهيءَ رات کي لاپرواهيءَ ۾ نه گذارڻ گهرجي،

انهيءَ رات خصوصيّت سان رحمتن جي ڇماڇم برسات ٿيندي آهي. هن مبارڪ رات ۾ الله تبارڪ و تعالیٰ "بني ڪلب" جي ٻڪرين جي وارن کان به وڌيڪ ماڻهن کي جهنم کان آزاد فرمائيندو آهي. ڪتابن ۾ لکيل آهي: "بني ڪلب جو قبيلو عرب قبيلن ۾ سڀ کان وڌيڪ ٻڪريون پاليندو هو. افسوس! ڪجھ بدنصيب اهڙا به آهن جن تي انهيءَ شبِ براءَت يعني ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ جي رات به نه بخشجڻ جي وَعيد آهي. حضرتِ سيدنا امام بَيهَقِي شافِعي علیہ رحمۃ اللہ الوالی "فضائِلُ الْاَوْقَات" ۾ نقل فرمائن ٿا: حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسّم صلَّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: ڇھ ماڻهن جي هن رات به بخشش نه ٿيندي: (1) شراب جو عادي (2) ماءُ پيءُ جو نافرمان (3) زنا جو عادي (4) قطعِ تعلق ڪرڻ وارو (5) تصوير ٺاهڻ وارو (6) چغل خور. (فضائل الاوقات ج 1 ص 130 حديث 27 مڪتبة المناره مڪة المڪرم)

اهڙيءَ طرح ڪاهن، جادوگر، تڪبُّر سان شلوار يا گوڏ کي پيڏين کان هيٺ لڙڪائڻ واري، ٻن مسلمانن جي وچ ۾ جدائي ڪرڻ واري، ۽ ڪنهن مسلمان سان ڪينو رکڻ واري تي به انهيءَ رات مغفرت جي سعادت کان محروميءَ جي وَعيد آهي، جيئن ته سڀني مسلمانن کي گهرجي ته ذڪر ٿيل گناهن مان جيڪڏهن مَعَاذَالله عزّوجلّ ڪنهن گناھ ۾ مُلَوَّث هجن ته اهي خاص ڪري انهن گناهن ۽ هر گناھ کان شبِ براءَت جي اچڻ کان اڳ

فرمانِ مصطفيٰ ﷺ : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

بلڪ اڄ ۽ هاڻي ئي سچي توبهہ ڪري ونو ۽ جيڪڏهن ماڻهن جا حق ضايع ڪيا آهن تہ توبهہ سان گڏوگڏ انهن کان معافي تلافي جي ترڪيب ناهيو .

## امامِ اهلسنت جو پيغام سڀني مسلمانن جي نانءُ

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، ولي نِعمت، عظيمُ البَرَڪت، عظيمُ المَرتَبَت، پروانهءِ شمعِ رِسالت، مُجَدِّدِ دين و ملت، حامي سنّت، ماحي بِدعت، پير طريقت، باعث خير و برڪت، حنفي مذهب جا عظيم عالم ۽ مفتي حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَۃُ الرَّحۡمٰن پنهنجي هڪ عقيدتمند کي شب براءَت کان پهرين توبهہ ۽ معافي تلافي جي باري ۾ هڪ مڪتوب شريف روانو ڪيو، ان جي افاديت جي پيشِ نظر حاضرِ خدمت آهي جيئن ”ڪُلياتِ مَڪاتِيبِ رضا“ صفحي 356 تا 357 تي آهي: **شبِ براءَت** قريب آهي، هن رات تمام بانهن جا عمل حضرتِ عزّت عَزَّوَجَلَّ ۾ پيش ٿيندا آهن. موليٰ عَزَّوَجَلَّ بطفيلِ حضورِ پُر نور، شافع يَومُ النُّشور عَلَيه اَفضَلُ الصّلوۃُ وَالتَّسلِيم مسلمانن جا ذُنُوب (يعني گناهہ) معاف فرمائيندو آهي، پر انهن مان ڪجهہ اهي بہ مسلمان جيڪي پاڻ ۾ دنياوي سبب کان رنجش رکندا آهن فرمائيندو آهي، هنن کي ڇڏي ڏيو جيستائين پاڻ ۾ صلح نہ ڪن. هڪ ٻئي جا حقَ ادا ڪري ڇڏين يا معاف ڪرائي ڇڏين جو بِاِذنِهٖ تعاليٰ حُقُوقُ العِباد کان اعمال نامو خالي ٿي ڪري بارگاهہ عزّت عَزَّوَجَلَّ ۾ پيش ٿين. حقوقِ موليٰ تعاليٰ جي لاءِ سچي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي جمعه جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا.

توبهه ڪافي آهي. (حديث پاڪ ۾ آهي) اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَنْ لَّا ذَنبَ لَه، (يعني گناهه کان توبهه ڪرڻ وارو ائين آهي جڻ ان گناهه ڪيو ئي ناهي) اهڙي حالت ۾ بِاِذنِہٖ تعاليٰ ضرور هن رات ۾ مغفرت جي اميد آهي پر شرط آهي ته عقيدو صحيح هجي. وَهُوَ الغَفُّورُ الرَّحِيم. ڀائرن ۾ صلح ڪرائڻ ۽ حقَ مُعاف ڪرڻ جي هيءَ سنّت بِحَمدِہٖ تعاليٰ هتي ڪافي سالن کان جاري آهي. اميد آهي توهان به اتان جي مسلمانن ۾ جاري ڪري مَنْ سَنَّ فِى الْاِسْلَامِ سُنَّةً حَسَنَةً فَلَه، اَجْرُهَا وَاَجْرُمَنْ عَمِلَ بِهَا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا يَنْقُصُ مِنْ اُجُوْرِ هِمْ شَيئٌ (يعني جيڪو اسلام ۾ سٺو طريقو ڪڍي ان جي لاءِ هن جو ثواب آهي ۽ قيامت تائين جيڪي ان تي عمل ڪن انهن سڀني جو ثواب هميشه ان جي اعمال نامي ۾ لکيو وڃي بغير ان جي جو ان جي ثوابن ۾ ڪجهه گهٽتائي اچي) جي مِصداق، ۽ هن فقير جي لاءِ ٻنهي جهانن ۾ مغفرت ۽ عافيّت جي دعا فرمايو. فقير توهان جي لاءِ دعا ڪري ٿو ۽ ڪندو. (ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ) سڀني مسلمانن کي سمجهايو وڃي جو اتي نه خالي زبان ڏني ويندي آهي نه نفاق پسند آهي. صلح و مُعافي سڀ سچيءَ دل سان هجي . والسّلام

فقير احمد رضا قادري عُفِيعنه از بريلي

## پندرهين شَعبان جو روزو

حضرت سيّدُنا عليُّ المُرتضىٰ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان مروي آهي ته نبي ڪريم، رؤف رحيم عَلَيهِ اَفْضَلُ الصَّلوٰةِ وَالتَّسْلِيم جو فرمان آهي:

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

جڏهن پندرهين شعبان جي رات اچي تہ انهيءَ ۾ قيام (يعني عبادت) ڪريو ۽ ڏينهن ۾ روزو رکو. بيشڪ الله تعاليٰ سج لهڻ کان آسمانِ دنيا تي خاص تجلّي فرمائيندو ۽ چوندو آهي: ”آهي ڪو مون کان مغفرت گُهرڻ وارو جو ان کي بخشي ڇڏيان! آهي ڪو روزيءَ گهرڻ وارو جو ان کي روزي ڏيان! آهي ڪو مصيبت ۾ ڦاٿل جو ان کي عافيّت عطا ڪريان! آهي ڪو اهڙو! آهي ڪو اهڙو! ۽ اهو انهيءَ وقت تائين فرمائيندو آهي جو فجر ظاهر ٿي وڃي.“

(سنن ابن ماجہ ج 2 ص 160 رقم الحديث 1388 دارالمعرفة بيروت)

## فائدي جي ڳالھ

شبِ بَراءَت ۾ اعمال ناما تبديل ٿيندا آهن تنهن ڪري ٿي سگهي تہ چوڏهين شَعُبَانُ الۡمُعَظّم جو بہ روزو رکيو وڃي تہ جيئن اعمال نامي جي آخري ڏينهن ۾ بہ روزو هجي. 14 شعبان جو عصر جي نماز باجماعت پڙهي ڪري اتي ئي نفلي اعتڪاف ڪيو وڃي ۽ نماز مغرب جي انتظار جي نيّت سان مسجد ۾ ويهي رهو تہ جيئن اعمال ناما تبديل ٿيڻ جي آخري گهڙين ۾ مسجد جي حاضري، اعتڪاف ۽ نماز جي انتظار جو ثواب لکيو وڃي . بلڪ زهي نصيب! سڄي رات عبادت ۾ گذاري وڃي .

## سبز پرچو

اَميرُ المُؤمِنِين حضرتِ سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ

هڪ دفعي شَعْبَانُ الْمُعَظّم جي پندرهين رات يعني شب براءَت عبادت ۾ مصروف هئا، مٿو کنيائون ته هڪ "سائو پرچو" مليو جنهن جو نور آسمان تائين ڦهليل هو، ان تي لکيل هو: "هٰذِهٖ بَراءَةٌ مِّنَ النَّارِ مِنَ المَلِكِ الْعَزِيزِ لِعَبْدِهٖ عُمَرَ بْنِ عَبْدِالعَزِيْز" يعني خداءِ مالڪ ۽ غالب جي طرفان هي جهنّم جي باهه کان آزادي جو پروانو آهي جيڪو سندس ٻانهي عمر بن عبدالعزيز کي عطا ٿيو آهي. (تفسير روح البيان ج 8 ص 402 ڪوئٽه)

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت ۾ جتي اميرُ المُؤمِنِين سَيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي عظيم فضيلت جو اظهار آهي اتي شبِ براءَت جي عظمت ۽ شرافت به ظاهر آهي، اَلْحَمْدُ لله عَزَّوَجَلَّ اها مبارڪ رات جهنّم جي ڀڙڪندڙ باهه کان براءَت يعني ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي رات آهي، انهيءَ لاءِ ان کي "شبِ براءَت" چيو ويندو آهي.

## مغرب کان پوءِ ڇهه نفل

اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام جي معمولات مان آهي ته مغرب جي فرض ۽ سنّت وغيره ادا ڪري ڇهه رڪعت نفل، ٻه ٻه رڪعتون ڪري ادا ڪيون وڃن. پهرين ٻن رڪعتن کان پهريان هي نيّت ڪريو: "ياالله عَزَّوَجَلَّ هنن ٻن رڪعتن جي برڪت سان عمر درازي بالخير عطا فرماءِ." ٻين ٻن رڪعتن ۾ اها نيّت ڪريو: "ياالله عَزَّوَجَلَّ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہٖ وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

هنن ٻن رڪعتن جي برڪت سان مصيبتن کان منهنجي حفاظت فرماءِ.“ ۽ ٽين ٻن رڪعتن جي شروع ۾ ائين نيّت فرمايو: ”ياالله عَزَّوَجَلَّ هنن ٻن رڪعتن جي برڪت سان مون کي پاڻ کان سواءِ ڪنهن جو محتاج نہ ڪر.“ انهن ڇهن رڪعتن ۾ **سُورَةُ الفَاتِحہ** کان پوءِ جيڪا سورت چاهو پڙهي سگهو ٿا پر بهتر هي آهي تہ هر رڪعت ۾ **سُورَةُ الفَاتِحہ** کان پوءِ ٽي ٽي ڀيرا **سُورَةُ الاِخلاص** پڙهو، هر ٻن رڪعتن کانپوءِ ايڪويهہ ڀيرا **قُلۡ هُوَ اللهُ** (پوري سورت) يا هڪ ڀيرو **سورهءِ يٰسين** پڙهو بلڪ ٽي سگهي تہ ٻئي پڙهي ڇڏيو. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ هڪ اسلامي ڀاءُ يٰسين شريف بلند آواز سان پڙهي ۽ ٻيا خاموشيءَ سان ٻُڌن، هن ۾ هي خيال رکو تہ ٻيو هن دؤران زبان سان يٰسين شريف بلڪ ڪجھ بہ نہ پڙهي، ۽ هي مسئلو خوب ياد رکو تہ جڏهن قرآن شريف وڏي آواز سان پڙهيو وڃي تہ جيڪي ماڻهو ٻُڌڻ لاءِ حاضر ٿيا آهن انهن تي فرضِ عين آهي تہ چپ چاپ خوب توَجُّھ سان ٻڌن. ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ رات شروع ٿيندي ئي ثواب جا انبار لڳي ويندا. هر ڀيري يٰسين شريف کان پوءِ **دعاءِ نصفِ شعبان** بہ پڙهو.

## دُعاءِ نصف شَعبَانُ المُعظّم

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَللّٰهُمَّ يَاذَا الۡمَنِّ وَلَا يُمَنُّ عَلَيۡهِ ط يَا ذَا الۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَامِ ط

يَا ذَا الطَّوۡلِ وَالۡاِنۡعَامِ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنۡتَ ط ظَهۡرُ اللَّاجِيۡنَ ط

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

وَجَارَ الْمُسْتَجِيْرِيْنَ ؕ وَاَمَانَ الْخَآئِفِيْنَ ؕ اَللّٰهُمَّ اِنْ
كُنْتَ كَتَبْتَنِيْ عِنْدَكَ فِيْ اُمِّ الْكِتٰبِ شَقِيًّا اَوْ مَحْرُوْمًا
اَوْ مَطْرُوْدًا اَوْ مُقَتَّرًا عَلَيَّ فِي الرِّزْقِ فَامْحُ اللّٰهُمَّ
بِفَضْلِكَ شَقَاوَتِيْ وَحِرْمَانِيْ وَطَرْدِيْ وَاقْتِتَارَ رِزْقِيْ ؕ
وَاَثْبِتْنِيْ عِنْدَكَ فِيْ اُمِّ الْكِتٰبِ سَعِيْدًا مَّرْزُوْقًا مُّوَفَّقًا
لِّلْخَيْرَاتِ ؕ فَاِنَّكَ قُلْتَ وَقَوْلُكَ الْحَقُّ فِيْ كِتَابِكَ
الْمُنَزَّلِ ؕ عَلٰى لِسَانِ نَبِيِّكَ الْمُرْسَلِ ؕ ﴿ يَمْحُوا اللّٰهُ مَا
يَشَآءُ وَيُثْبِتُ ۚۖ وَعِنْدَهٗۤ اُمُّ الْكِتٰبِ ﴾ اِلٰهِيْ
بِالتَّجَلِّي الْاَعْظَمِ ؕ فِيْ لَيْلَةِ النِّصْفِ مِنْ شَهْرِ شَعْبَانَ
الْمُكَرَّمِ ؕ الَّتِيْ يُفْرَقُ فِيْهَا كُلُّ اَمْرٍ حَكِيْمٍ وَّيُبْرَمُ اَنْ
تَكْشِفَ عَنَّا مِنَ الْبَلَآءِ وَالْبَلْوَآءِ مَا نَعْلَمُ وَمَا لَا نَعْلَمُ ؕ
وَاَنْتَ بِهٖ اَعْلَمُ ؕ اِنَّكَ اَنْتَ الْاَعَزُّ الْاَكْرَمُ ؕ وَصَلَّى اللّٰهُ
تَعَالٰى عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ؕ
وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝

اي الله عَزَّوَجَلَّ! اي احسان ڪرڻ وارا جو جنهن تي احسان نه ڪيو ويندو آهي! اي وڏي شان ۽ شوڪت وارا! اي فضل ۽ انعام وارا! توکان سواءِ ڪو معبود ناهي تون پريشان حالن جو مددگار، پناهه گهرڻ وارن کي پناهه ۽ خوفزده ٿيڻ وارن کي امان ڏيڻ وارو آهين، اي الله عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن تون پاڻ وٽ **اُمُّ الڪتاب** (يعني لوح محفوظ) ۾ مون کي شَقي (بد بخت) **محروم**، ذڪاريل ۽ رزق ۾ تنگي ڏنل لکي چُڪو آهين ته اي الله عَزَّوَجَلَّ! پنهنجي فضل سان منهنجي بد بختي، محرومي، ذِلت ۽ رزق جي تنگيءَ کي مٽائي ڇڏ ۽ پاڻ وٽ **اُمّ الڪتاب** ۾ مون کي خوش بخت، (ڪشادو) رزق ڏنل، ۽ ڀلائيءَ جي توفيق ڏنل لکي ڇڏ، جو تون ئي پنهنجي نازل ڪيل ڪتاب ۾ پنهنجي ئي موڪليل نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زبان تي فرمايو ۽ تنهنجو (اهو) فرمائڻ حق آهي: ”**الله** عَزَّوَجَلَّ **جيڪو چاهي مٽائيندو آهي ۽ ثابت ڪندو (لکندو) آهي ۽ اصل لکيل ته انهيءَ وٽ ئي آهي.**“ (ڪنزالايمان سيپارو13، الرعد:39) **ياالله** عَزَّوَجَلَّ! **تجلّي اعظم** جي وسيلي سان جيڪا نصف شَعۡبَان الۡمُكَرَّم جي (پندرهين) رات ۾ آهي جو جنهن ۾ ورهايو ويندو آهي جيڪو هر حڪمت وارو ڪم ۽ اٽل ڪيو ويندو آهي. (ياالله!) مصيبتن ۽ رنجشن کي اسان کان دور فرماءِ جو جن کي اسين ڄاڻون ٿا ۽ نه به ڄاڻون ٿا جڏهن ته تون انهن کي سڀ کان وڌيڪ ڄاڻڻ وارو آهين، بيشڪ تون سڀ کان وڌيڪ عزيز ۽ عزت وارو آهين. **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان جي سردار **محمد** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ۽ سندن جي آل ۽ اصحاب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُم تي درود و سلام موڪل. سڀ خوبيون سڀني جهانن جي پالڻ واري الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن.

## سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه جون التجائون

اَلْحَمْدُ للّٰه عَزَّوَجَلَّ! سگِ مدينه عُفِيَ عَنه جو سالن کان شبِ براءَت ۾ ڇهہ نفل ۽ تلاوت وغيره جو معمول آهي. مغرب کان پوءِ ڪئي ويندڙ هيءَ عبادت **نفلي** آهي فرض يا واجب ناهي ۽ مغرب کان پوءِ نفلن ۽ تلاوت جي شريعت ۾ ڪٿي منع بہ ناهي، حضرت علامہ ابن رَجَب حَنبلي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوى لکن ٿا: ملڪِ شام جا جَليلُ القَدر تابِعين مثلاً حضرت سيّدنا خالد بن مَعْدان، حضرت سيّدنا مَڪحُول، حضرت سيّدنا لقمان بن عامر رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى وغيره شب براءَت جي گهڙي تعظيم ڪندا هئا ۽ هن ۾ خوب عبادت ڪندا هئا، انهن کان ٻين مسلمانن هن مبارڪ رات جي تعظيم سکي (لطائف المعارف ج 1 ص 145) فقہ حنفي جي معتبر ڪتاب "دُرِّمُختار" ۾ آهي: شب براءَت ۾ شب بيداري (ڪري عبادت) ڪرڻ مُستَحب آهي، (پوري رات جاڳڻ کي ئي شب بيداري ناهي چئبو) اڪثر حصي ۾ جاڳڻ بہ شب بيداري آهي . (درمختار ج 2 ص 568، بهارشريعت ج 1 ص 679 مکتبة المدينہ باب المدينہ ڪراچي) **مدني التجا آهي:** ممڪن هجي سيئي اسلامي ڀائر پنهنجي پنهنجي مسجدن ۾ مغرب کان پوءِ ڇهن نفلن جو اهتمام فرمائن ۽ بيشمار ثواب ڪمائن. اسلامي ڀينرون پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ اهي نفل ادا ڪن .

## سڄي سال جادوءَ کان حفاظت

**دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

170 صفحن تي مشتمل ڪتاب **"اسلامي زندگي"** صفحي 134 تي آهي: **شَعْبَانُ الْمُعَظَّم** جي پندرهين رات ٻير جي وڻ جي ستن پنن کي پاڻي ۾ ٽهڪائي (ضرورت موجب سادو پاڻي ملائي ڪري) **غسل** ڪريو، اِن شَآءَاللّٰهُ العَزِيز عَزَّوَجَلَّ سڄي سال جادوءَ جي اثر کان محفوظ رهندؤ. (اسلامي زندگي ص134)

## شبِ براءَت ۾ قبرن جي زيارت

**اُمُّ الْمُؤمِنِين** حضرتِ سيّدَتُنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون: مون هڪ رات سَرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نہ ڏٺو تہ بقيع پاڪ ۾ مون کي ملي ويا. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو: ڇا توهان کي هن ڳالهہ جو خوف هيو جو **الله** ۽ ان جو رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **توهان** جي حق تلفي ڪندا. مون عرض ڪيو: **يا رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون خيال ڪيو هو تہ شايد اوهان **اَزْوَاجِ مُطَهَّرات** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ مان ڪنهن وٽ تشريف کڻي ويا هوندؤ. مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **فرمايو: "بيشڪ الله** تعالىٰ **شعبان** جي پندرهين رات آسمانِ دنيا تي تجلي فرمائيندو آهي، پوءِ قبيلي بني ڪلب جي ٻڪرين جي وارن کان بہ وڌيڪ گناهگارن کي بخشي ڇڏيندو آهي."

(ترمذي ج 2 ص 183 حديث 739 دارالفكر بيروت)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

# آتش بازيءَ جو ايجاد ڪندڙ ڪير؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلحمدلله عَزَّوَجَلَّ **شبِ براءَت جهنّم جي** باهه کان ”براءَت“ يعني ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ واري رات آهي. پر صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلهه جي مسلمانن جو وڏو تعداد باهه کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ بدران پيسا خرچ ڪري پاڻ پنهنجي لاءِ باهه يعني **آتش بازيءَ** (ڦٽاڪن) جو سامان خريد ڪندا آهن ۽ اهڙي طرح خوب خوب آتش بازي ڪري هن مقدّس رات جو تَقَدُّس پائمال ڪندا آهن. **مُفَسّر شهير،** حڪيمُ الأمت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡمَنَّان پنهنجي مختصر ڪتاب **”اسلامي زندگي“** ۾ فرمائن ٿا: ”هن رات کي گناهن ۾ گذارڻ وڏي محرومي جي ڳالهه آهي، آتش بازي جي باري ۾ مشهور آهي ته نمرود بادشاهه ايجاد ڪئي، جڏهن ان حضرتِ سيّدُنا ابراهيم عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي باهه ۾ وِڌو ۽ باهه **گلزار** ٿي وئي ته ان جي ماڻهن باهه جا ڦٽاڪا ڀري ان ۾ باهه لڳائي حضرتِ سيّدُنا خليل الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي طرف اڇلايا.“ (اسلامي زندگي ص 77)

# شب براءَت جو رائج ٿيل آتش بازي حرام آهي

**افسوس!** شب براءَت ۾ آتش بازي جي ناپاڪ رسم هاڻي مسلمانن ۾ وڏي رهي آهي، اسلامي زندگي ۾ آهي: مسلمانن جا ڪروڙين روپيا هر سال **آتش بازي** (يعني ڦٽاڪن) جي نذر ٿي وڃن ٿا ۽ اهڙي طرح هر روز هي خبرون اينديون آهن ته فلاڻي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

جاءِ تي ڦٽاڪن جي ڪري ايترا گهر سڙي ويا ۽ ايترا ماڻهو سڙي ڪري مري ويا وغيره وغيره. هن ۾ جان جو خطرو، مال جي بربادي ۽ گهر ۾ باهه لڳڻ جو انديشو آهي، ۽ پنهنجي مال ۾ پنهنجي هٿ سان باهه لڳائڻ ۽ پوءِ خدا تعاليٰ جي نافرماني جو وبال به پاڻ تي کڻڻ آهي، خدا عَزَّوَجَلَّ جي واسطي هن بيهوده ۽ حرام ڪم کان بچو، پنهنجي ٻارن ۽ متن مائٽن کي روڪو، جتي آواره ٻار هي راند ڪن اتي تماشو ڏسڻ به نه وڃو. (اسلامي زندگي ص 78) (شب براءَت جو رائج ٽيل) آتش بازي ڪرڻ يقيناً اِسراف ۽ فضول خرچي آهي، تنهنڪري هن جو ناجائز ۽ حرام هجڻ ۽ اهڙا ڦٽاڪا ناهڻ ۽ وڪرو ڪرڻ ۽ خريدڻ سڀ شرعاً منع آهي. (فتاويٰ اجمليه ج 4 ص 52) منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: آتش بازي جيئن شادين ۽ شب براءَت ۾ رائج آهي بيشڪ حرام ۽ وڏو جرم آهي جو هن ۾ مال جو زيان آهي. (فتاويٰ رضويه ج 23 ص 279)

## آتش بازي جون جائز صورتون

شب براءَت ۾ جيڪا آتش بازي ڪئي ويندي آهي ان جو مقصد راند روند ۽ تفريح آهي تنهنڪري هي گناهه ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. البت هن جون بعض صورتون جائز به آهن جيئن بارگاهه اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ۾ سوال ٿيو: ڇا فرمائن ٿا علماءِ دين هن مسئلي جي باري ۾ ته آتش بازي ناهڻ ۽ آتش بازي ڪرڻ حرام آهي يا نه؟

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو تہ مون تي بہ پڙهو بيشڪ آءٌ سڀني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

**الجواب:** منع ۽ گناهہ آهي پر (يعني البت) جيڪي صورتون خاص لَهوَ لَعب ۽ تَبذِير ۽ اِسراف کان خالي هجي (يعني ان مخصوص صورتن ۾ جائز آهي جيڪي راند ۽ فضول خرچي کان خالي هجي) جيئن چنڊ جو اعلان (يعني چنڊ ڏسڻ جو اعلان) يا جنگل ۾ يا حاجت جي وقت شهر ۾ بہ مُوذي جانورن کي ڀڄائڻ لاءِ يا ٻنيءَ يا ميوات وارن وڻن تان جانور (۽ پکين) کي ڀڄائڻ اڏائڻ لاءِ ڦٽاڪا وغيره ڇڏڻ. (فتاويٰ رضويہ ج 23 ص 290)

تجھ کو شعبانِ معظّم کا خدایا واسِطہ
بخش دے ربِّ محمّد تو مری ہر اک خطا

## شب براءَت جو اجتماع منهنجي اصلاح جو سبب ٿيو

شب براءَت ۾ عبادت جو جذبو وڌائڻ، هن مُقَدَّس رات ۾ پاڻ کي آتش بازي ۽ ٻين گناهن کان بچائڻ، ۽ پاڻ کي باڪردار مسلمان بڻائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، هر مهيني گهٽ مان گهٽ ٽن ڏينهن جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ ”مدني قافلي“ ۾ سنتن ڀريو سفر اختيار ڪريو، ۽ مدني انعامات جي مطابق زندگي گذارڻ جي ڪوشش فرمايو، اوهان جي ترغيب جي لاءِ بہ مدني بهارون پيش ڪيون وڃن ٿيون: مرڪزالاولياء (لاهور) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي: تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : توهان جتي به هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته هجڻ کان پهرين مان مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ اڪثر وقت بدمذهبن جي صحبت ۾ رهڻ سان گڏوگڏ طرح طرح جي گناهن جي خوفناڪ دلدل ۾ ڦاٿل هئس، صد ڪروڙ افسوس ته رات ڏينهن فلمون ڏسڻ، ڊراما ڏسڻ، فحاشي جي اڏن جا چڪر لڳائڻ مون جي ويجهو مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ قابلِ فخر ڪم هو، منهنجي گناهن ڀري شام جو اختتام ۽ نيڪين ڀري صبح بهاران جي آغاز جو سبب ڪجهه ائين ٿيو جو هڪ اسلامي ڀاءُ جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان مون کي "هَنجَروال" ۾ شب براءت جي سلسلي ۾ ٿيندڙ سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت نصيب ٿي وئي، مبلغِ دعوت اسلامي جو بيان ايتري قدر رِقت ۽ سوز وارو هو جو مان پنهنجي گناهن جي ندامت سبب پاڻي پاڻي ٿي ويس، الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضي جو خوف اهڙو طاري ٿيو جو منهنجي اکين مان لُڙڪ وهڻ لڳا، اجتماع جي ختم ٿيڻ تي اسان جي علائقي جي "مدني قافلي" جي ذميدار اسلامي ڀاءَ مون سان ملاقات ڪئي ۽ مون کي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي ترغيب ڏني، جيئن ته دل اڳ ۾ ئي مائل ٿي چڪي هئي تنهنڪري مان ان جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس، مدني قافلي ۾ عاشقان رسول جي شَفقت ڀري صحبت ۾ رهي بيشمار سنتون سيکڻ جي سعادت حاصل ٿي، اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ مون

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

پنهنجي گذريل سيني گناهن کان توبهہ ڪئي، جڏهن رمضان المبارڪ جو مهينو آيو تہ مون عاشقانِ رسول سان گڏ آخري ڏهن ڏينهن جي اعتڪاف جي سعادت بہ حاصل ڪئي، هن اعتڪاف ۾ ستاويهين جي رات هڪ خوش نصيب اسلامي ڀاءُ کي اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ حُضُورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي هن ڳالهہ منهنجي دل ۾ دعوت اسلامي جي محبت وڌيڪ پيدا ڪئي ۽ مان مڪمل طور دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس.

آؤ کرنے لگو گے بہت نیک کام، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتِکاف
فضلِ رب سے ہو دیدارِ سلطانِ دیں، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتِکاف
راحت و چین پائے گا قلبِ حزیں،
مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتِکاف

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فلمن جو خوار

باب المدينہ (ڪراچي) جي علائقي ”ٻڙا بورڊ“ جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: اڳ ۾ تہ مان معاشري جو بگڙيل نوجوان هئس، روزانو پابندي سان خوب فلمون ڊراما ڏسڻ سبب پاڙي ۾ ”فلمن جو خوار“ جي نالي سان مشهور ٿي ويس، منهنجي سڌرڻ جو سبب هي ٿيو جو هڪ اسلامي ڀاءُ جي ”انفرادي ڪوشش“ جي نتيجي ۾ ”ڪجي گرائونڊ“ (گلبهار) ۾

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي طرفان ٿيندڙ شب براءَت جي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ٿي، اتي مون ”قبر کی پہلی رات“ جي موضوع تي روئارڻ وارو بيان ٻڌو، خوف خدا سان دل بي چين ٿي وئي، مون پنهنجي پوين گناهن کان توبه ڪئي ۽ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ويس، اسان جو پورو گهر ماڊرن هو، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي انفرادي ڪوشش سان منهنجا پنج ڀاء به دعوت اسلامي وارا ٿي ويا، ۽ سيني مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائي ورتو ۽ گهر ۾ مڪمل مدني ماحول ٿي ويو، بيان لکڻ وقت تائين ”حلقي مشاورت“ جي خادم جي حيثيت سان سنتن جي خدمت ڪري رهيو آهيان، مون کي سنتن جي تربيت جي مدني قافلن جو ڪافي شوق آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هر مهيني پابندي سان ٽن ڏينهن جي عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر ڪندو آهيان.

يقينا مقدر کا وہ ہے سکندر جسے خير سے مل گيا مدنی ماحول
يہاں سنّتيں سيکھنے کو مليں گی دِلائے گا خوفِ خدا مدنی ماحول
اے بيمارِ عِصياں تُو آجا يہاں پر
گناہوں کی ديگا دوا مدنی ماحول

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود شريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(ابن عساکر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”شَعۡبَانُ الۡمُعَظَّم“ جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان قبرستان جي حاضري جا 11 مدني گل

﴿1﴾ نبيِّ ڪريم، رؤفٌ رَّحيم عَلَیہ اَفضَلُ الصّلوٰۃُ وَالتَّسلِیم جو فرمان عظيم آهي: مون توهان کي قبرن جي زيارت کان منع ڪيو هو، پر هاڻي توهان قبرن جي زيارت ڪيو، ڇوته هي دنيا مان بي رغبتي جو سبب ۽ آخرت جي ياد ڏياريندي آهي . (ابن ماجہ ج 2 ص 252 حديث1571)

﴿2﴾ (وليُّ الله جي مزار شريف يا) ڪنهن به مسلمان جي قبر جي زيارت ڪرڻ لاءِ وڃڻ گهرجي ته مستحب هي آهي ته پهرينءَ پنهنجي گهر (غير مڪروهه وقت) ۾ ٻه رڪعتون نفل پڙهي، هر رڪعت ۾ سورةُالفَاتِحه کان پوءِ هڪ ڀيرو آيةُالکُرسِی ۽ ٽي ڀيرا سورةُالاِخلاص پڙهي ان نماز جو ثواب صاحب قبر کي پهچائي، الله تعاليٰ ان فوت ٿيل شخص جي قبر ۾ نور پيدا ڪندو ۽ ان (ثواب پهچائڻ واري) شخص کي تمام گهڻو ثواب عطا فرمائيندو.

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : **جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.**

(عالمگيري ج 5 ص 350 دارالفکر بيروت)

**﴿3﴾ مزار شريف يا قبر جي زيارت لاءِ ويندي واٽ تي فضول ڳالهين ۾ مشغول نہ ٿئي.** (ايضاً)

**﴿4﴾ قبرستان ۾ ان عام رستي کان وڄو جتي ماضي ۾ بہ ڪڏهن ڪنهن مسلمان جون قبرون نہ هيون، ”ردالمحتار“ ۾ آهي:** (قبرستان ۾ قبرون ختم ڪري) **جيڪو نئون رستو ناهيو ويو ان تي هلڻ بہ حرام آهي.** (ردالمحتار ج 3 ص 612) **بلڪ نئي رستي جو گمان هجي تڏهن بہ ان تي هلڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي.**

(درمختار ج 3 ص 183 دارالمعرفة بيروت)

**﴿5﴾ ڪئين اوليائن جي مزارن تي ڏٺو ويو آهي تہ زائرين جي سهولت خاطر مسلمانن جون قبرون ڊاهي ڪري فرش ناهيو ويندو آهي، اهڙي فرش تي ليٽڻ، هلڻ، ويهڻ، تلاوت ۽ ذِڪر اَذڪار جي لاءِ ويهڻ وغيره حرام آهي، پري کان ئي فاتحہ پڙهو.**

**﴿6﴾ قبر جي زيارت ميّت جي چهري جي سامهون بيهي ڪري ۽ ان** (يعني قبر واري) **جي پيراندي واري پاسي کان وڃجي جو ان جي نگاهہ سامهون هجي، سيراندي کان نہ اچي جو ان کي مٿو ڪٽي ڏسڻو پوندو.** (فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 532)

**﴿7﴾ قبرستان ۾ انهيءَ طرح بيهو جو قبلي ڏانهن پُٺ ۽ قبر وارن جي چهري ڏانهن منهن هجي ان کان پوءِ چوي: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا اَهْلَ الْقُبُوْرِ يَغْفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمْ اَنْتُمْ لَنَا سَلَفٌ وَّنَحْنُ بِالْاَثَر يعني: اي قبر وارؤ! توهان تي سلام هجي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان جي**

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم : جنهن مون تي جمعہ جي ڏينهن بہ سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا بہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.

۽ توهان جي مغفرت فرمائي، توهان اسان کان پهرين اچي ويا ۽ اسين توهان کان پوءِ اچڻ وارا آهيون . (عالمگيري ج 5 ص 350)

﴿8﴾ جيڪو قبرستان ۾ داخل ٿي ڪري هي چوي: اَللّٰهُمَّ رَبَّ الْأَجْسَادِ الْبَالِيَةِ وَالْعِظَامِ النَّخِرَةِ الَّتِيْ خَرَجَتْ مِنَ الدُّنْيَا وَهِيَ بِكَ مُؤْمِنَةٌ اَدْخِلْ عَلَيْهَا رَوْحًا مِّنْ عِنْدِكَ وَسَلاَمًا مِّنِّي ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ (اي) ڳريل جسمن ۽ بوسيدا هڏين جا ربّ عَزَّوَجَلَّ! جيڪو دنيا مان ايمان جي حالت ۾ رخصت ٿئي تون ان تي پنهنجي رحمت ۽ منهنجو سلام پهچاءِ، تہ حضرت سيدنا آدم عليہ السلام کان وٺي ڪري ان وقت تائين جيترا مؤمن فوت ٿيا سيئي ان (يعني دعا پڙهڻ واري) جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا. (مصنف ابن ابي شيبہ ج 8 ص 257)

﴿9﴾ شفيعِ مُجرمان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان شفاعت نشان آهي: جيڪو شخص قبرستان ۾ داخل ٿيو پوءِ ان سورةُ الفاتحہ، سورة الاِخلاص ۽ سورة التَكاثُر پڙهي پوءِ هي دعا گهري: ياالله عَزَّوَجَلَّ! مون جيڪو ڪجھ قران پڙهيو ان جو ثواب ان قبرستان جي مومن مردن ۽ عورتن کي پهچاءِ، تہ اهي تمام مؤمن قيامت جي ڏينهن ان (يعني ايصال ثواب ڪرڻ واري) جا سفارشي هوندا. (شرح الصدور ص 311) حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو يارهن ڀيرا سورةُالاِخلاص يعني قُل هُوَ اللهُ اَحَد (مڪمل سورة) پڙهي ان جو ثواب مري ويلن کي بخشي تہ مُردن جي ڳڻتي برابر ان (يعني ايصال ثواب ڪرڻ واري) کي ثواب ملندو. (درمختار ج 3 ص 183)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

﴿10﴾ قبر جي مٿي اگربتي نہ ٻاري وڃي هن ۾ بي ادبي ۽ بد فالي آهي (۽ هن سان ميّت کي تڪليف ٿيندي آهي) ها جيڪڏهن (حاضرين کي) خوشبو (پهچائڻ) جي لاءِ (لڳائڻ چاهيو تہ) قبر وٽ خالي جڳهہ هجي اتي لڳايو جو خوشبو پهچائڻ محبوب آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 525، 582) اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ ٻي جڳهہ تي فرمائن ٿا: "صحيح مسلم شريف" ۾ حضرت عمرو بن عاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي، انهن مرڻ وقت پنهنجي فرزند کي فرمايو: جڏهن مان مري وڃان تہ مون سان گڏ نہ ڪو نوحو ڪرڻ (يعني روڄ راڙي) واري وڃي نہ آگ وڃي. (مسلم ص 75 حديث 196)

﴿11﴾ قبر تي ڏيئو يا ميڻ بتي وغيره نہ رکو جو اهي آگ آهن، قبر تي آگ رکڻ سان ميّت کي اَذيت (يعني تڪليف) ٿيندي آهي، ها رات ۾ راهہ هلندڙن جي لاءِ روشني مقصود هجي تہ قبر جي هڪ پاسي خالي زمين تي ميڻ بتي يا ڏيئو رکي سگهو ٿا.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر | پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

